# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2012

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2012

# سنڌ انساني عضون ۽ ٽشوز جي پيوندڪاري آرڊيننس، 2012

# THE SINDH TRANSPLANTATION OF HUMAN ORGANS AND TISSUES ORDINANCE, 2012

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعئات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. هڪ زنده شخص طرفان عضوي يا ٽشو جو عطيو
Donation of organ or tissue by a living person

4. موت کانپوءِ انساني عضون يا ٽشوز جو عطيو
Donation of human organs or tissues after death

5. اويلوئيشن ڪميٽي
Evaluation committee

6. پيوندڪاري ٽرانسپلانٽ سرجنز ۽ فزيشنز، وغيره جي ٽيم طرفان ڪئي ويندي
Transplantation to be carried out by the team of transplant surgeons and physicians, etc

7. ڏيندڙ ۽ حاصل ڪندڙ تي اثر وغيره

Effects, etc to the donor and the recipient
.8 مانيٽرنگ اٿارٽي
Monitoring Authority
.9 علاج جي مقصد کانسواءِ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ انساني عضون هٽائڻ يا پيوندڪاري تي پابندي
Prohibition of removal or transplantation of human organs for any purpose other than therapeutic purpose
.10 اٿارٽي کانسواءِ انساني عضوو ڪڍڻ تي سزا
Punishment for removal of human organ without authority
.11 انساني عضون ۾ ڪمرشل ڊيلنگز تي سزا
Punishment for commercial dealings in human organ
.12 هن آرڊيننس جي ڪنهن بي گنجائش جي ڀڃڪڙي تي سزا
Punishment for contravention of any other provision of this Act
.13 ڪمپنيز طرفان ڏوهه
Offences by companies
.14 ڏوهن جو ازالو
Cognizance offences
.15 حفاظت
Savings
.16 سٺي نيت سان ڪنيل قدمن جو تحفظ
Protection of actions taken in good faith
.17 قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
.18 رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2012
# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2012
# سنڌ انساني عضون ۽ ٽشوز جي پيوندڪاري آرڊيننس، 2012
# THE SINDH TRANSPLANTATION OF HUMAN ORGANS AND TISSUES ORDINANCE, 2012

[28 آگسٽ، 2012]

آرڊيننس جنهن ذريعي علاج جي مقصدن لاءِ انساني عضون ۽ ٽشوز جي هٽائڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ پيوندڪاري لاءِ ضابطو فراهم ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته علاج جي مقصدن ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ مشابهت رکندڙ معاملن لاءِ انساني عضون ۽ ٽشوز جي هٽائڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ پيوندڪاري لاءِ ضابطو فراهم ڪرڻ ضروري پيو پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي

آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| 1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ انساني عضون ۽ ٽشوز جي پيوندڪئري آرڊيننس، 2012 سڏيو ويندو.<br>(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.<br>(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات<br>Short title, extent and commencement |
| 2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(a)"دماغي طور مئل" مطلب هڪ ئي وقت دماغ ۽ دماغي نسن جي ڪم ڪرڻ جو اڻٽر نقصان؛<br>(b)"موت" مطلب دماغي گهرڙن جي سموري ڪم ڪرڻ جو اڻٽر بند ٿيڻ؛<br>(c)"ڊونر" مطلب اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي جسم جو ڪو حصو، عضو، ٽشو يا جيو گهرڙو عطيو ڪري ٿو؛<br>(d)"اويلوئيشن ڪميٽي" مطلب دفعہ5 تحت مقرر ڪيل ڪميٽي؛<br>(e)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛<br>(f)"انساني عضوو" مطلب انساني جسم جو ڪو حصو، عضو يا ٽشو؛<br>(g)"مانيٽرنگ اٿارٽي" مطلب انساني عضون يا ٽشوز جي پيوندڪاري ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي عمل جي نگراني لاءِ دفعہ 8 تحت قائم ڪيل اٿارٽي؛ | وصفون<br>Definitions |

(h)"ادائگي" مطلب رقم يا رقمن جي قيمت ۾ ادائگي پر ان ۾ شامل نہ آهي ورغلائڻ يا واپس ڪرڻ لاءِ ڪا ادائگي؛

(i)فراهم ڪئي ويندڙ انساني عضوي کي هٽائڻ، ٽرانسپورٽنگ يا محفوظ بڻائڻ جي قيمت؛ يا

(ii)ڪنهن شخص طرفان پنهنجي جسم جو ڪو عضوو فراهم ڪرڻ تي معقول نموني يا سڌيءَ ريت ڪيل ڪو خرچ يا ٿيندڙ آمدني جو نقصان؛

(i)"بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(j)"سجاڳ ڌُر ادارو" مطلب انساني عضون يا ٽشوز جي پيوندڪاري ۾ آپريٽو سرجري جي مشق لاءِ ميڊيڪل ادارو يا اسپتال جنهن کي مانيٽرنگ اٿارٽي طرفان سجاڳ ڌر ونڊي؛

(k)"سجاڳ ڌُر ٽرانسپلانٽ سرجن يا فزيشن" مطلب ماٿهن جي عضون يا ٽشوز جي جاچ، چڪاس ۽ پيوندڪاري ڪرڻ ۾ خاص قابليت، تجربو رکندڙ ۽ لاڳاپيل ميدان ۾ تربيت يافتہ سرجن يا فزيشن؛ ۽

(l)"پيوندڪاري" مطلب علاج جي مقصدن لاءِ ڪنهن زنده يا فوت ٿي ويل شخص جي ڪنهن انساني عضوي يا ٽشو جي ڪنهن ٻئي زنده شخص ۾ پيوندڪاري.

**هڪ زنده شخص طرفان عضوي يا ٽشو جو عطيو**
**Donation of organ or tissue by a living person**

3.(1) جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي، هڪ زنده ڏونر جيڪو ارڙهن سالن جي عمر کان گهٽ نہ هجي، پنهنجي سڄي عمر دوران پنهنجي جسم جو ڪو عضو يا ٽشو ڪنهن ٻئي جينياتي يا قانوني طور مائٽ شخص کي عطيو ڪري سگهي ٿو، جيڪو ويجهو رت جو رشتيدار آهي ۽ اهڙي شخص طرفان عضوي يا حصي يا ٽشو جو عطيو علاج جي مقصد لاءِ آهي، اهڙي طريقي ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ري

جنريٽو ٽشو جهڙوڪ اسٽيم سيلز جي صورت ۾ رت جي رشتيدارن ۾ عمر جي ڪا حد مقرر ناهي.

وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ اظهار "ويجهو رت جو رشتيدار" مطلب والدين، پٽ، ڌيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ ۽ جنهن ۾ شامل آهي شريڪ حيات:

بشرطيڪ پيوندڪاري رضاڪارانا، همت افزائي ڪندڙ ۽ بنا ڪنهن جبر يا ڏاڍ جي هوندي.

(2)ذيلي دفعه (1) تحت وضاحت ڪيل ڊونر جي غير دستيابي جي صورت ۾، اويلوئيشن ڪميٽي پاڻ ڪي مطمئن ڪرڻ کانپوءِ ته اهڙو عطيو رضاڪارانو آهي ويجهي رت جي رشتي ڪانسواءِ عطيي جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

موت کانپوءِ انساني عضون يا ٽشوز جو عطيو
Donation of human organs or tissues after death

4.(1)ڪو شخص پنهنجي موت کان اڳ، سندس طرفان صحيح ڪيل ۽ لاڳاپيل اويلوئيشن ڪميٽي طرفان تصديق ڪيل پنهنجو ڪو عضو يا ٽشو پيوندڪاري لاءِ عطيو ڪري سگهي ٿو. جتي اهڙو ڪو اعلان نه ڪيو ويو هجي پر اهو شخص دماغي طور مئل قرار ڏنو ويو هجي، يا ته سندس بچيل شريڪ حيات يا والدين يا اهڙي شخص جو بالغ ٻار مانيٽرنگ ڪميٽي طرفان سڃاڻپ ڏنل ڪنهن ميڊيڪل اداري يا اسپتال ۾ پيوندڪاري لاءِ ڪو عضو ڪڍڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿو. لاوارث دمغي طور فوت اسپتال ۾ داخل مريضن جا ڪيس چوويهه ڪلاڪن اندر انهن جي مائٽن جي سخت ڳولا کانپوءِ اويلوئيشن ڪميٽي سامهون پيوندڪاري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(2)ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڊونر جي وفات تي، فوتي جو ويجهو مائٽ اويلوئيشن ڪميٽي کي فوتي بابت آگاهه ڪندو ۽ اٿارائيزيشن موجب انساني عضو يا ٽشو ڪڍرائيندو.

(3)هن دفعه تحت عطيو اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ ڊونر جي سڄي عمر دوران ڪنهن به وقت پڻ گواهن جي موجودگيءَ ۾ ختم ڪيو ويندو.

**اويلوئيشن ڪميٽي Evaluation committee**

5.(1) هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ايتريون اويلوئيشن ڪميٽيز مقرر ڪندي جيتريون ضروري هجن، جيڪي هڪ سرجيڪل اسپيشلسٽ، ميڊيڪل اسپيشلسٽ، ٽرانسپلانٽ اسپيشلسٽ، نيفرولاجسٽ ۽ هڪ نيورو فزيشن ۽ هڪ انٽينسيوسٽ جتي دستياب هجي ۽ پڻ مقامي نامور ماڻهن تي، جن وٽ سماجي خدمت جو سٺو رڪارڊ هجي، انهن تي مشتمل هوندي. اويلوئيشن ڪميٽي هر سڃاڻپ ٿيل ميڊيڪل اداري ۽ اسپتال لاءِ قائم ڪئي ويندي جتي ساليانو گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه ٽرانسپلانٽس ڪيا ويندا هجن.

(2)اويلوئيشن ڪميٽي:

(a)يقيني بڻائيندي ته ڪو به عضو يا ٽشو غير رشتيدار زنده ڊونرز کان اويلوئيشن ڪميٽي جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ ناهي ڪڍيو ويو؛

(b)ڪنهن شخص جي دماغي موت جو طئي ڪندي؛

(c)دماغي موت پروٽوڪول جيڪو جوڙيو ويندو، اهو استعمال ڪندي ڪنهن زنده شخص کان انساني عضو هٽائڻ جي ملڪيت طئي ڪندي؛ ۽

(d)ڪنهن ٻئي جسم ۾ انساني عضوي جي پيوندڪاري لاءِ فٽنيس يا ٻيو ڪجهه طئي ڪندي.

**پيوندڪاري ٽرانسپلانٽ سرجنز ۽ فزيشنز، وغيره**

6.(1) انساني عضوي يا ٽشو جي پيوندڪاري يا پيوندڪاري جي مقصد لاءِ انساني عضوي جي ڪنهن حصي جو هٽائڻ فقط سڃاڻپ

جي ٽيم طرفان ڪئي ويندي
Transplantation to be carried out by the team of transplant surgeons and physicians, etc

ڏنل پروفيشنلز طرفان ڪيو ويندو، جيڪي فوتي جي جسم مان ڪو انساني عضو هٽائڻ کان اڳ پڪ ڪرائيندا ته اويلوئيشن ڪميٽي کان لکت تصديق ورتي وئي آهي ته فوتگي ٿي چڪي آهي.

(2)ذيلي دفعه (1) جي مقصد لاءِ اهو ماڻهو ميڊيڪلي ۽ قانوني طور فوت سمجهيو ويندو، ان وقت جڏهن اويلوئيشن ڪميٽي جي خيال ۾، قابل قبول ميڊيڪل معيار تحت:

(a)قدرتي ساهه کڻڻ جي غير موجودگي ۽ دل جا ڪم ۽ زندگي بچائڻ جون ڪوششون انهن ڪمن کي بازياب ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويون هجن؛ يا

(b)اٽتر ۽ مستقل دماغي ڪمن جو خاتمو ۽ زندگي بچائڻ يا لڳاتار سهڪاري مرمت اهڙا قدرتي ڪم بحال ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي.

(3)هن ايڪٽ جي شروعات تي حڪومت مانيٽرنگ اٿارٽي جي سفارش تي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي سڃاڻپ ڏنل ميڊيڪل ادارن ۽ اسپتالن طور انساني عضون ۽ ٽشوز جي پيوندڪاري ۾ آپريٽو سرجري لاءِ ميڊيڪل ادارن ۽ اسپتالن جي فهرست شايع ڪندي. حڪومت وقت بوقت فهرست نئين ڪري سگهي ٿي.

(4)ڪا به اسپتال يا ميڊيڪل ادارو انساني عضون ۽ ٽشوز جي پيوندڪاري نه ڪندو جيستائين اهو ذيلي دفعه (3) تحت سڃاڻپ ڏنل نه هجي.

ڏيندڙ ۽ حاصل ڪندڙ تي اثر وغيره
Effects, etc to the donor and the recipient

7.(1) دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) ۾ بيان ڪيل ڊونر ڪانسواءِ ٻئي ڊونر کان انساني عضوي يا ٽشو جي ڪا پيوندڪاري مخصوص اويلوئيشن ڪميٽي جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ نه ڪئي ويندي ۽ فقط اهڙن ميڊيڪل ادارن ۽ اسپتالن ۾ ڪئي ويندي جيڪي دفعه 6 جي ذيلي دفعه (3) تحت ڄاڻايل هجن، بشرطيڪ پاڪستاني

شهري طرفان ٻين ملڪن جي شهرين کي اهڙي عطيي جي اجازت نہ هوندي.

(2)ڪو بہ انساني عضو يا ٽشو ڪنهن زنده شخص جي جسم مان دفعہ 3 جي مقصدن ڪانسواءِ نہ هٽايو ويندو ۽ سڄاٽپ ڏنل ميڊيڪل اداري يا اسپتال جي ڪا بہ پيوندڪاري ٽيم زنده ڊونر کان ڪو انساني عضو يا ٽشو نہ هٽائيندي يا پيوندڪاري نہ ڪندي جيستائين انهن ڊونر کي عضو يا ٽشو هٽائڻ سان لاڳاپيل اثرن، مونجهارن ۽ نقصانن جي وضاحت ۽ حاصل ڪندڙ کي ان جي نتيجن کان ترتيبوار اهڙيءَ ريت وضاحت نہ ڪئي هجي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

مانيٽرنگ اٿارٽي
Monitoring Authority

8.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هيٺين تي مشتمل مانيٽرنگ اٿارٽي جوڙيندي، يعني:

| | |
|---|---|
| (i)صحت وارو وزير | چيئرمين |
| (ii)صحت کاتي جو سيڪريٽري | ميمبر ۽ اٿارٽي جو سيڪريٽري |
| (iii)پوليس سرجن | ميمبر |
| (iv)سنڌ جي پيوندڪاري سوسائٽي جو نامزد ڪيل | ميمبر |
| (v)سنڌ جي آفٿلمولاجيڪل سوسائٽي جو نامزد ڪيل | ميمبر |
| (vi)سنڌ جي پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو نامزد ڪيل | ميمبر |
| (vii)سنڌ جي سوسائٽي آف گيسٽرو انٽرالاجي جو نامزد ڪيل | ميمبر |

| | |
|---|---|
| (viii)سرجيڪل ٽرانسپلانٽ اسپيشلسٽ | ميمبر |
| (ix)پيو ڪو بهترين ميڊيڪل اسپيشلسٽ جنهن کي حڪومت نامزد ڪري | ميمبر |

(2)اهڙيءَ ريت جوڙيل اٿارٽي:

(a)پيوندڪاري جي نگراني ڪندي ۽ سجاڳ ڊٺل ميڊيڪل ادارن ۽ اسپتالن لاءِ بيان ڪيل معيار لاڳو ڪندي؛

(b)هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي جي الزامن تي جاچ پڙتال ڪندي ۽ انڪوائري ويهاريندي؛

(c)پيوندڪاري جي معيار جي جاچ لاءِ سجاڳ ڊٺل ميڊيڪل ادارن ۽ اسپتال جي جاچ پڙتال ڪندي، ڊونر ۽ وصول ڪندڙ جي ميڊيڪل ڪيئر ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جو فالو اپ وٺندي ۽ سجاڳ چاهيندڙ ادارن جي وقت بوقت جاچ پڻ لهندي؛

(d)معياري ۽ نتيجا ڏيندڙ پيوندڪاري مرڪزن جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ صوبائي رجسٽري ۽ مقامي نيٽ ورڪس قائم ڪندي ۽ پيوندڪاري کي ترقي ۽ هٿي وٺرائيندي؛ ۽

(e)زندگي بچائيندڙ مريض جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ پيوندڪاري لاءِ موجود انساني عضون جي کوٽ سبب: مانيٽرنگ اٿارٽي مستقل ۾ زينو ٽرانسپلانٽيشن جي عالمي تعاون کي ڳوليندي ۽ هٿي وٺرائيندي، سمورن اخلاقي ۽ حفاظتي خطرن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ جاچ جاري رکندي ۽ مشق، تحفظ، معيار، فائدي ۽ اسٽيم سيل جي ايپيڊيمالاجي توڙي غير انساني عضون جي پيوندڪاري لاءِ عالمي معلومات جمع ڪندي.

(3)مانيٽرنگ اٿارٽي ترجيحي بنيادن تي ميڊيڪل جي شعبي مان هڪ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪندي، ۽ اٿارٽي جو روزمره جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ اهڙا ٻيا عملدار پڻ مقرر ڪندي جيڪي گهربل هوندا.

اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيڪي ان طرفان طئي ڪيا ويندا. جن لاءِ حڪومت ان کي موزون ساليانو گرانٽ فراهم ڪندي.

(4)حڪومت مانيٽرنگ اٿارٽي سان مشاورت بعد فنڊ قائم ڪندي، جيڪو حڪمت طرفان گرانٽس ۽ اين جي اوز، انسان دوست ۽ ٻين ماڻهن طرفان پيوندڪاري يا ناقص مريضن بشمول پيوندڪاري ڪانپڳوءِ سار سنڀال ۽ دوائن لاءِ امداد تي مشتمل هوندو.

(5)رضاڪارانه ڊونرز جو پول ۽ امڪاني وصول ڪندڙن جي رجسٽري اهڙيءَ ريت قائم ڪئي ۽ هلايا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

علاج جي مقصد کانسواءِ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ انساني عضون هٽائڻ يا پيوندڪاري تي پابندي

Prohibition of removal or transplantation of human organs for any purpose other than therapeutic purpose

9.ڪو به ڊونر يا ڪو انساني عضو هٽائڻ لاءِ اٿارٽي ڏنل شخص علاج جي مقصدن کانسواءِ ڪن ٻين مقصدن لاءِ ڪنهن انساني عضوي هٽائڻ لاءِ اجازت نه ڏيندو.

اٿارٽي کانسواءِ انساني عضوو ڪيڻ تي سزا
Punishment for removal of human organ without authority

10.(1) جيڪو بہ ڪنهن سجاٽپ ڏنل ميڊيڪل اداري يا اسپتال ۾ خدمتون فراهم ڪري ٿو ۽ اهو جيڪو پيوندڪاري جي مقصدن لاءِ ڪنهن بہ طريقي اجازت کانسواءِ ڪو انساني عضو هٽائڻ ۾ حصو وٺي ٿو، مدد ڪري ٿو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ڏهن سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿو.

(2) جتي ذيلي دفعہ (1) تحت الزام هيٺ آيل ڪو شخص رجسٽرڊ ميڊيڪل پريڪٽيشنر آهي، ان جو نالو پاڪستان ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪائونسل کي مخصوص قدم کڻڻ لاءِ رپورٽ ڪيو ويندو بشمول پهريون پيرو ڏوهہ ڪرڻ تي ٽن سالن جي عرصي لاءِ ۽ لاڳيتو ڏوهہ ڪرڻ تي مستقل طور ان جو نالو ڪائونسل جي رجسٽر ۾ هٽائڻ جي.

انساني عضون ۾ ڪمرشل ڊيلنگز تي سزا
Punishment for commercial dealings in human organ

11. جيڪو بہ:

(a) ڪو انساني عضو فراهم ڪرڻ لاءِ يا فراهم ڪرڻ جي آڇ لاءِ ڪا ادائگي ڪري ٿو يا حاصل ڪري ٿو؛

(b) ڪنهن انساني عضوي جي فراهمي لاءِ ادائگي لاءِ ڪو ماڻهو ڳولي ٿو؛

(c) ڪنهن انساني عضوي جي ادائگي عيوض فراهمي جي آڇ ڪري ٿو؛ يئہ

(d) ڪنهن انساني عضوي جي ادائگي عيوض فراهمي يا فراهمي جي اچ لاءِ ڪي انتظام ڪرڻ جي شروعات ڪري ٿو يا ڳالهيون ڪري ٿو؛

(i) ماڻهن جي جسم جي انتظام ۽ ضابطي ۾ حصو وٺي ٿو، پوءِ اهو معاشورو هجي، فرم يا ڪمپني، جنهن جون سرگرميون مشتمل هجن يا جن ۾ شامل هجي شق (d) ۾ جاڻايل ڪن انتظامن جي

شروعات ۾ ڳالهيون؛ يا

(ii)کو اشتهار ڇپرائي ٿو يا ورهائي ٿو يا ڇپرائڻ يا ورهائڻ جو سبب بڻجي ٿو جيڪو:

(a)ماڻهن کي ادائگي عيوض کو انساني عضوو فراهم ڪرڻ جي دعوت ڏئي؛

(b)کو انساني عضو ادائگي عصوض فراهم ڪرڻ جي آڇ ڪري؛ يئ

(c)اشارو ڏئي تہ اشتهار ڏيندڙ شق (d) ۾ ڄاڻايل کي انتظام شروع ڪرائڻ يا ڳالهيون ڪرائڻ جي خواهشمند آهي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ڏهہ سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿو.

هن ايڪٽ جي ڪنهن ٻي گنجائش جي ڀڃڪڙي تي سزا
Punishment for contravention of any other provision of this Act

12.جيڪو بہ هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش يا جوڙيل ڪنهن قاعدي، يا جاري ڪيل رجسٽريشن جي ڪنهن شرط جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، ان سلسلي ۾ هن ايڪٽ ۾ ڪا ڌار سزا فراهم نہ ڪئي وئي هجي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ٽي سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

ڪمپنيز طرفان ڏوهہ
Offences by companies

13.جتي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڪو ڏوهہ هڪ ڪمپني، ان جي چيف ايگزيڪيوٽو يا ڊائريڪٽر يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو ڏوهہ ٿيڻ وقت انچارج هيو ۽ ڪمپني جي ڪاورهنوار لاءِ ذميدار هيو طرفان ڪيو ويو هجي، ڪمپني بہ ڏوهي سمجهي ويندي ۽ ان خلاف

ڪارروائي ۽ سزا ڏيڻ جي مستحق هوندي.

بشرطيڪ اهو تہ ڪمپني رڳو ڏنڊ ادا ڪرڻ جي مستحق هوندي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ اهڙي ڪنهن شخص کي سزا لائق نہ قرار ڏيندو، جيڪڏهن اهو ثابت ڪري تہ ڏوهہ سندس ڄاڻ کانسواءِ ٿيو هو يا هن اهڙي ڏوهہ جي ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصدن لاءِ:

(a)"ڪمپني" مطلب ڪا باڊي ڪارپوريٽ ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ فرم يا فردن جي ٻي ايسوسيئيشن؛ ۽

(b)"ڊائريڪٽر" فرم جي سلسلي ۾، مطلب فرم ۾ ان جو ڀائيوار.

| | |
|---|---|
| ڏوهن جو ازالو Cognizance offences | 14.(1)ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جي ايڪٽ V) جي دفعہ 30 تحت بااختيار بڻايل ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس کان گهٽ ڪا بہ عدالت، هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ جي ٻڌڻي نہ ڪندي.<br>(2)ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت ڏوهہ جو ازالو نہ ڪندي سواءِ لکت ۾ شڪايت جي:<br>(a)مانيٽرنگ اٿارٽي يا ان جي سيڪريٽري جي؛ يا<br>(b)متاثر شخص جنهن کي پندرنهن ڏينهن کان گهٽ نہ جو نوٽيس ڏنو ويو هجي، اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي، مانيٽرنگ اٿارٽي کي ڄاڻايل ڏوهہ جي ۽ شڪايت داخل ڪرڻ جي سندس ارادي جي.<br>(3)جيستائين ڪجهہ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جي ايڪٽ V) جي متضاد نہ هجي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ ضمانت ٿيڻ جوڳا نہ هوندا. |
| حفاظت | 15.نہ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب فوت ٿي ويل يا زنده ڊونر جي |

| | |
|---|---|
| Savings | جسم مان ڪنهن انساني عضو هٽائڻ لاءِ ڪن سهولتن ڏيڻ جي ڪا اٿارٽي ، نه ئي اهڙي اٿارٽي جي سار سنڀال هيٺ فوت ٿي ويل شخص جي جسم مان ڪنهن انساني عضوي يا ٽشو کي هٽائڻ پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي ايڪٽ XLV) جي دفعه 297 تحت سزا لائق ڏوهه سمجهيو ويندو. |
| سٺي نيت سان ڪنيل قدمن جو تحفظ<br>Protection of actions taken in good faith | 16.(1) ڪنهن شخص خلاف سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن عمل يا هن ايڪٽ جي گنجائشن يا ان تحت جوڙيل قاعدن موجب ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو به ڪيس، مقدمو يا قانوني ڪارروائي نه ڪئي ويندي.<br>(2)ڪو به مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي حڪومت خلاف نه ڪئي ويندي جيڪڏهن سٺي نيت سان ڪيل ڪجهه عمل يا هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ڪرڻ جي ارادي تحت ڪو نقصان ٿيو هجي يا ٿيڻ وارو هجي. |
| قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules | 17.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| رنڊڪون هٽائڻ<br>Removal of difficulties | 18.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائشن جي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، حڪومت رنڊڪ هٽائڻ جي مقصد لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيڪو اها ضروري يا لازمي سمجهي. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**